وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ اوهان کي جيڪو غنيمت جو مال هٿ اچي تنهن جو پنجون حصو الله ۽ الله جي رسول لاءِ ۽ (رسول جي) مائٽن لاءِ، يتيمن جي لاءِ، مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ آهي (۽ باقي چار حصا مجاهدن ۾ ورهائي سگهجن ٿا) جيڪڏهن توهان الله (جي انهيءَ غيبي مدد) تي يقين ٿا رکو جيڪا مدد اسان فيصلو ڪري ڇڏڻ واري ڏينهن پنهنجي بندي (حضرت رسولﷺ) تي نازل ڪئي هئي جڏهن ٻہ لشڪر (بدر وٽ) هڪٻئي جي سامهون ٿيا هئا (تہ انهيءَ طرح ورهاڱو ڪيو) ۽ (ياد رکو تہ) الله جي قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي.

اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ۭ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي الْمِيْعٰدِ ۙ وَلٰكِنْ لِّيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ڏ لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ وَّيَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٤٢﴾ۙ

(٤٢) هيءُ اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن توهان ماٿريءَ جي ويجهي هنڌ هئو ۽ دشمن جو لشڪر ماٿريءَ جي پراهين هنڌ هو ۽ (قريشن جو) قافلو توهان کان هيٺئين حصي ۾ هو (يعني قافلو سمنڊ جو ڪنارو وٺيو نڪري ويو) ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ لڙائي جي ڳالهہ ٺهرايو ها تہ ضرور جنگ جي وقت، جاءِ تان هٽي وڃو ها (ڇو تہ توهان کي دشمنن جي گهڻائيءَ کان ڊپ هو ۽ اوهان مان گهڻن جي مرضي هئي قافلي کي لٽڻ جي) پر الله تعالىٰ (ٻنهي لشڪرن کي هڪ ٻئي جي مقابل آندو) انهيءَ لاءِ تہ جيڪا ڳالهہ ٿيڻي هئي سا ڪري ڏيکاري (يعني ڪافرن جي طاقت کي ٽوڙي ڇڏي) پڻ هن لاءِ تہ جنهن کي تباهہ ٿيڻو آهي سو حجت پوري ٿيڻ بعد تباهہ ٿئي ۽ جيڪو زندهہ (۽ ڪامياب) ٿيڻ وارو آهي سو بہ حجت جي پوري ٿيڻ بعد زندهہ رهي. (يعني ٻئي ڌريون ڏسن تہ حق ڪهڙي طرف آهي ۽ الله تعالىٰ حق کي فتح ڏيندڙ آهي) بيشڪ الله تعالىٰ سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو.

اِذْ يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ فِيْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا ۭ وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِي الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ (اي پيغمبر!) هي اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن الله تعالىٰ توکي خواب ۾ هنن (دشمن ڪافرن) جو تعداد ٿورو ڪري ڏيکاريو (يعني هي ڏيکاريو تہ اگرچہ ظاهراً گهڻا هوندا، پر وڙهڻ ۾ تورا ثابت ٿيندا) ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ هنن (ڪافرن) کي گهڻا ڪري ڏيکاري ها تہ توهان (مسلمان) همت هاري وڃو ها ۽ انهيءَ معاملي ۾ پاڻ ۾ اختلاف ۽ جهڳڙا ڪيو ها، پر الله تعالىٰ توهان کي (اهڙيءَ حالت کان) بچائي ورتو. يقين ڪيو تہ جيڪي بہ (ماڻهن جي) دلين ۾ لڪل آهي سو سندس علم کان لڪل ناهي.

وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ الْتَقَيْتُمْ فِيْٓ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّيُقَلِّلُكُمْ فِيْٓ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٤٤﴾ۧ

(٤٤) ۽ (وري ڏسو تہ) جڏهن توهان ٻئي لشڪر هڪ ٻئي جي مقابل ٿيا هئو، تڏهن الله تعالىٰ هيئن ڪيو جو دشمن اوهان جي نظر ۾ ٿورا ڏسڻ ۾ آيا (يعني اوهان جي دلين ۾ ايمان ۽ ثابت قدميءَ جو روح ڦوڪجي ويو هو) ۽ هنن جي نظر ۾ اوهان ٿورا ڏسڻ ۾ آيؤ) (ڇو تہ ظاهر طرح توهان برابر هنن کان ٿورا هئو) ۽ اهو سڀ الله تعالىٰ هن لاءِ ڪيو تہ جيڪا ڳالهہ ٿيڻي هئي سا ڪري ڏيکاري ۽ سڀني ڪمن (جي فيصلي) جو دارومدار فقط الله تعالىٰ تي آهي.

## رڪوع 6

**الله جي يادگيري / فرمانبرداري ۽ ايمان دلين کي مضبوط ٿا ڪن**

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِذَا لَقِيتُمْ فِئَةً فَٱثْبُتُوا۟ وَٱذْكُرُوا۟ ٱللَّهَ كَثِيرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) اي مومنؤ! جڏهن (حملو ڪندڙن جي) ڪنهن ٽوليءَ سان اوهان جو مقابلو ٿئي تڏهن لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهو ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿيو.

وَأَطِيعُوا۟ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ وَلَا تَنَٰزَعُوا۟ فَتَفْشَلُوا۟ وَتَذْهَبَ رِيحُكُمْ ۖ وَٱصْبِرُوٓا۟ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ مَعَ ٱلصَّٰبِرِينَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ الله ۽ سندس رسول جو چوڻ مڃو ۽ پاڻ ۾ جهڳڙا نہ ڪيو (بي اتفاقي نہ ڪيو، هڪ ٿي وڃو) ائين ڪندؤ (يعني پاڻ ۾ جهڳڙا ڪندؤ ۽ پاڻ ۾ ٻڌي نہ ڪندؤ) تہ توهان جون دليون هارجي وينديون ۽ اوهان جي طاقت هلي ويندي ۽ (مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾) صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي صبر ڪندڙ ۽ ثابت قدم رهندڙ آهن.

وَلَا تَكُونُوا۟ كَٱلَّذِينَ خَرَجُوا۟ مِن دِيَٰرِهِم بَطَرًا وَرِئَآءَ ٱلنَّاسِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ ۚ وَٱللَّهُ بِمَا يَعْمَلُونَ مُحِيطٌ ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ (خبردار) انهن ماڻهن جهڙا نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان (لڙائي ڪرڻ لاءِ) آڪڙ ڪندي ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ نمائش ۽ ڏيکاءُ ڪندي نڪتا ۽ جن جو حال هي آهي جو الله جي راه کان (سندس بندن کي) روڪين ٿا ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ عمل هي ماڻهو ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ (پنهنجي علم ۽ قدرت سان) گهيرو ڪيو بيٺو آهي.

وَإِذْ زَيَّنَ لَهُمُ ٱلشَّيْطَٰنُ أَعْمَٰلَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ ٱلْيَوْمَ مِنَ ٱلنَّاسِ وَإِنِّى جَارٌ لَّكُمْ ۖ فَلَمَّا تَرَآءَتِ ٱلْفِئَتَانِ نَكَصَ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ وَقَالَ إِنِّى بَرِىٓءٌ مِّنكُمْ إِنِّىٓ أَرَىٰ مَا لَا تَرَوْنَ إِنِّىٓ أَخَافُ ٱللَّهَ ۚ وَٱللَّهُ شَدِيدُ ٱلْعِقَابِ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ اهو (واقعو بہ ياد رکو جو) شيطان (سراقہ بن مالڪ) هنن جي عملن کي هنن جي نظر ۾ سهڻا ڪري ڏيکاريو هو ۽ چيو هو تہ اڄ ماڻهن ۾ ڪي بہ اهڙا ڪونہ آهن جي توهان تي غالب پئجي سگهن ۽ مان توهان جو پشت پناه آهيان، پر جڏهن ٻئي فوجون (بدر وٽ) هڪٻئي جي مقابل ٿيون تڏهن پنئين پير واپس ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ مان توهان کان بيزار آهيا. مان اهو ڪجھ ڏسي رهيو آهيان جو توهان نٿا ڏسو. مان خدا کان ڊڄان ٿو ۽ خدا (بدعملن جي بدلي ۾) تمام سخت سزا وارو آهي.

## رڪوع 7

**هر ڪا قوم پنهنجي بلندي ۽ ترقي پنهنجي ئي ايمان ۽ نيڪ عملن وسيلي آڻي ٿي.**

إِذْ يَقُولُ ٱلْمُنَٰفِقُونَ وَٱلَّذِينَ فِى قُلُوبِهِم مَّرَضٌ غَرَّ هَٰٓؤُلَآءِ دِينُهُمْ ۗ وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى ٱللَّهِ فَإِنَّ ٱللَّهَ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٤٩﴾

(٤٩) ۽ (وري ڏسو تہ) منافقن ۽ انهن ماڻهن جن جي دلين ۾ (ايمان جي ڪمزوريءَ جو) مرض هو چيو هو تہ هنن مسلمانن کي سندن دين مغرور ڪري ڇڏيو آهي (يعني دين جو نشو ۽ جوش هنن کي وڏي لشڪر جي مقابلي لاءِ اياري رهيو آهي. هنن منافقن کي خبر ناهي تہ مسلمانن جو ڀروسو الله تعاليٰ تي آهي) ۽ جيڪڏهن ڪو بہ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکي ٿو تہ پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ (سندس حمايت ۾) غالب پوڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا ۙ
الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَ
اَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿۵۰﴾

(٥٠) ۽ جيڪڏهن توهان (پنهنجي اکين سان) اها حالت ڏسو جڏهن فرشتا انهن ڪافرن جا روح قبض ڪندا ۽ سندن منهن ۽ پٺيءَ تي ڌڪ هڻندا ۽ (چوندا ته اي ڪافرؤ) هاڻي چکو باه جي عذاب جو ذائقو (ته پوءِ توهان ڏسندڙن جو ڪهڙو حال ٿئي؟)

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ
بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۵۱﴾ۙ

(٥١) (اي حق جا دشمنؤ!) هي عذاب انهيءَ (بدعمليءَ) جو نتيجو آهي جنهن جو سامان خود اوهان جي هٿن اڳ ئي گڏ ڪري رکيو آهي. (توهان بدعمل ڪري پاڻ تي پاڻ عذاب اندو آهي) الله تعاليٰ ته ڪڏهن به پنهنجي بندن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ
كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۵۲﴾

(٥٢) جهڙو دستور فرعون جي ماڻهن جو هو ۽ انهن (فاسقن) جو هو جي انهن کان اڳي ٿي گذريا تهڙو ئي (ظلم، فساد جو) دستور اوهان (مڪي وارن) جو آهي. هنن الله جي نشانين کي نه مڃيو ته الله به سندن گناهن جي ڪري کين پڪڙ ڪئي. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي قوت وارو (بدعملن جي) سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً
اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ
وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۳﴾ۙ

(٥٣) هيءَ ڳالهه هن ڪري ٿي جو الله تعاليٰ جو مقرر قانون آهي ته جيڪا نعمت هو ڪنهن قوم کي عطا فرمائي ٿو سا وري ڪڏهن به نٿو بدلائي، جستائين انهيءَ قوم جا ماڻهو پاڻ پنهنجي حالت نه بدلائين). ۽ هن ڪري به جو الله تعاليٰ (سڀ ڪنهن جي) ٻڌي ٿو ۽ (سڀ ڪجهه) ڄاڻي ٿو.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ
اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) جهڙو دستور فرعون جي ماڻهن جو هو ۽ انهن (فاسقن) جو، جي انهن کان اڳي ٿي گذريا اهڙو ئي دستور (فسق جو) اوهان جو به آهي. هنن پنهنجي پروردگار جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو ته اسان کين سندن گناهن سبب تباهه ڪري ڇڏيو ۽ فرعون جي ماڻهن کي (سمنڊ ۾) ٻوڙي ڇڏيو ۽ اهي سڀ ظالم هئا.

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۵﴾ۖۚ

(٥٥) بيشڪ الله تعاليٰ جي نظر ۾ بدترين چوپايا جانور اهي (انسان) آهن جن ڪفر جي واٽ ورتي. پوءِ اهي ڪڏهن به ايمان نه آڻيندا.

اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ
عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن سان تو (صلح جو) عهدنامون ڪيو هو، تن اهو عهدنامو ٽوڙيو ۽ وري وري عهدناما ڪري ٽوڙيندا رهيا ۽ (اهڙي بدهلت جي نتيجن کان) ڊڄن به ڪونه ٿا (نه خدا کان ٿا ڊڄن نه انسانن کان).

فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ
خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۵۷﴾

(٥٧) تنهن ڪري (هاڻي گهرجي ته جهڙي هلت پاڻ وٺن تهڙي تون به وٺ) جيڪڏهن تون هنن کي لڙائيءَ ۾ موجود ڏسين ته کين اهڙي سزا ڏي جو جيڪي ماڻهو هنن جي پٺ ۾ آهن (يعني سندن حمايتي مڪي جا

مشرڪ) تن کي ڀڃندو ڏسي پاڻ بہ ڀاڄ شروع ڪن ۽ ممڪن آهي تہ (انهيءَ شڪست ۽ سزا مان) عبرت وٺن (۽ آئينده لاءِ صلح ۾ رهن).

وَ اِمَّا تَخَافَنَّ مِنۡ قَوۡمٍ خِيَانَةً فَانۡۢبِذۡ اِلَيۡهِمۡ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡخَآئِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾

(٥٨) ۽ جيڪڏهن ڪو ٽولو (اهڙي هلت وٺي جو) انهن کان اوهان کي دغا جو انديشو ٿئي تہ اوهان کي گهرجي تہ انهن جو عهدنامو انهن کي اڇلائي ڏيو تہ ٻئي طرف هڪ جهڙي حالت ۾ ٿي وڃن. (يعني ائين نہ ٿئي جو اوچتو عهد ٽوڙي حملي ڪجي جيئن مخالفن کي لڙائي وغيره جي تياريءَ جي مهلت ۽ وقت ئي نہ ملي) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ خيانت ڪندڙن کي هرگز پسند نٿو ڪري.

رڪوع 8

**الله جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ هر وقت جنگ لاءِ تيار رهو.**

وَلَا يَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا سَبَقُوۡا ؕ اِنَّهُمۡ لَا يُعۡجِزُوۡنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي ائين نہ سمجهن تہ بازي کٽي ويا. هو ڪڏهن بہ (حق جي پيروي ڪندڙن کي) عاجز ۽ هيٺو ڪري نہ سگهندا.

وَ اَعِدُّوۡا لَهُمۡ مَّا اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ قُوَّةٍ وَّ مِنۡ رِّبَاطِ الۡخَيۡلِ تُرۡهِبُوۡنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَ عَدُوَّكُمۡ وَ اٰخَرِيۡنَ مِنۡ دُوۡنِهِمۡ ۚ لَا تَعۡلَمُوۡنَهُمۡ ۚ اَللّٰهُ يَعۡلَمُهُمۡ ؕ وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ شَىۡءٍ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيۡكُمۡ وَ اَنۡتُمۡ لَا تُظۡلَمُوۡنَ ﴿۶۰﴾

(٦٠) ۽ (اي مسلمانو) جيتري قدر ئي ٿي سگهي اوتري قدر پاڻ ۾ قوت پيدا ڪري ۽ گهوڙا (جنگ لاءِ) تيار رکي دشمن جي مقابلي لاءِ پنهنجو (جنگ جو) سامان تيار ڪندا رهو. ڇو تہ اهڙيءَ طرح تيار رهڻ سان اوهان الله جي دشمن ۽ پنهنجي دشمنن تي پنهنجو ڌاڪو ۽ رعب ڄمائيندؤ ۽ پڻ انهن ماڻهن کان علاوه ٻين تي ڌاڪو ڄمائيندؤ. جن جي توهان کي خبر ناهي (تہ اوهان جا دشمن آهن) الله تعاليٰ انهن کي ڄاڻي ٿو ۽ (ياد رکو تہ) الله جي راهہ ۾ (يعني جهاد جي تياريءَ ۾) توهان جيڪو بہ خرچ ڪندؤ سو توهان کي پورو پورو ملي ويندو ۽ اوهان جو حق هرگز تلف نہ ڪيو ويندو.

وَ اِنۡ جَنَحُوۡا لِلسَّلۡمِ فَاجۡنَحۡ لَهَا وَ تَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۶۱﴾

(٦١) ۽ جيڪڏهن (دشمن) صلح جي طرف جهڪن تہ اوهان کي گهرجي تہ اوهان بہ صلح جي طرف جهڪو ۽ (هر حال ۾) الله تي ڀروسو رکو (تہ) بيشڪ اهوئي الله آهي جو سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.

وَ اِنۡ يُّرِيۡدُوۡۤا اَنۡ يَّخۡدَعُوۡكَ فَاِنَّ حَسۡبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِىۡۤ اَيَّدَكَ بِنَصۡرِهٖ وَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۲﴾

(٦٢) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن هنن جو ارادو هي هجي تہ توکي ڌوڪو ڏين تہ (بہ فڪر ناهي) الله تنهنجي لاءِ ڪافي (مددگار) آهي. اهوئي آهي جنهن پنهنجي مددگاريءَ سان ۽ مؤمنن (جي همراهيءَ) سان تنهنجي تائيد ڪئي (۽ قوت پيدا ڪري فتح ڏني).

وَ اَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ لَوۡ اَنۡفَقۡتَ مَا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مَّاۤ اَلَّفۡتَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ وَ

(٦٣) ۽ اهوئي آهي جنهن مومنن جي دلين ۾ هڪٻئي لاءِ الفت ۽ محبت پيدا ڪري ڇڏي. جيڪڏهن تون اهو سڀ ڪجهہ خرچ ڪرين جو روءِ

لٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيۡنَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۶۳﴾

زمين تي آهي تہ بہ هنن جي دلين کي الفت ۽ محبت ۾ ڳنڍي نہ سگهين ها. پر اهو الله ئي آهي جنهن منجهن الفت ۽ محبت پيدا ڪئي، بيشڪ هو (پنهنجي ڪمن ۾) غالب ۽ حڪمت وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسۡبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۴﴾ ع

(٦٤) اي پيغمبر! الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ ڪافي (مددگار) آهي ۽ انهن مؤمنن لاءِ (بہ) ڪافي (مددگار) آهي جيڪي تنهنجي تابعداري ڪندڙ آهن (نہ انهن لاءِ رڳو نالي طور مؤمن يا مسلمان آهن.)

### رڪوع 9

### توهان مسلمانن کي مال جو حرص نہ هجڻ گهرجي

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ عَلَى الۡقِتَالِ ؕ اِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ عِشۡرُوۡنَ صٰبِرُوۡنَ يَغۡلِبُوۡا مِائَتَيۡنِ ۚ وَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ مِّائَةٌ يَّغۡلِبُوۡۤا اَلۡفًا مِّنَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿۶۵﴾

(٦٥) اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائيءَ جو شوق ڏيار (اي مسلمانو!) جيڪڏهن توهان ۾ رڳو ويهہ صابر ۽ ثابت قدمي رکندڙ ماڻهو نڪري پون تہ يقين ڪيو تہ اهي بہ سئو دشمنن تي غالب پئجي ويندا. ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ اهڙا ماڻهو سئو ٿي وڃن تہ هزار ڪافرن تي غالب پئجي ويندا. هن ڪري جو ڪافر ماڻهو (حق ۽ باطل کي) نٿا سمجهن (منجهن دانش ۽ بصيرت ڪانهي.)

اَلۡـئٰنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنۡكُمۡ وَعَلِمَ اَنَّ فِيۡكُمۡ ضَعۡفًا ؕ فَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغۡلِبُوۡا مِائَتَيۡنِ ۚ وَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ اَلۡفٌ يَّغۡلِبُوۡۤا اَلۡفَيۡنِ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۶۶﴾

(٦٦) مسلمانو! هاڻي تہ خدا توهان جي لاءِ بار هلڪو ڪيو آهي. هن کي خبر آهي تہ توهان ۾ ڪمزوري آهي. سو هن وقت جيڪڏهن توهان ۾ صبر سان مشڪلاتون سهڻ وارا هڪ سئو ماڻهو هوندا تہ (انهن کي فقط ٻيڻي تعداد سان مقابلو ڪرڻو پوندو يعني) هو ٻن سون دشمنن تي غالب پئجي سگهندا. ۽ جيڪڏهن هزار هوندا تہ الله جي حڪم (۽ تائيد) سان بہ هزار دشمنن کي مغلوب ڪري سگهندا، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي (مشڪلاتن ۾) صبر ڪندڙ ۽ (فرض ادائين ۾) ثابت قدم رهندڙ آهن.

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنۡ يَّكُوۡنَ لَهٗۤ اَسۡرٰى حَتّٰى يُثۡخِنَ فِى الۡاَرۡضِ ؕ تُرِيۡدُوۡنَ عَرَضَ الدُّنۡيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۶۷﴾

(٦٧) نبيءَ کي مناسب ناهي تہ سندس قبضي ۾ قيدي هجن تان تہ ڪافرن کي قتل ڪري (ملڪ ۾ غلبو حاصل ڪري وٺي.) (مسلمانو!) توهان دنيا جو سامان چاهيو ٿا پر الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ (اوهان کي) آخرت (جو اجر ڏئي) ۽ الله غالب رهندڙ ۽ حڪمت وارو آهي.

لَوۡلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمۡ فِيۡمَاۤ اَخَذۡتُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿۶۸﴾

(٦٨) جيڪڏهن (هن باري ۾) اڳ ئي الله جو حڪم نہ اچي وڃي ها تہ جيڪو مال توهان (غنيمت طور بدر ۾) هٿ ڪيو تنهن لاءِ ضرور اوهان کي وڏو عذاب پهچي ها.

فَكُلُوۡا مِمَّا غَنِمۡتُمۡ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۶۹﴾ ع

(٦٩) بهرحال جيڪي توهان کي غنيمت ۾ هٿ آيو آهي تنهن کي حلال ۽ پاڪ سمجهي پنهنجي ڪم ۾ لڳايو ۽ خدا کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

## رڪوع 10

### جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ چڱائي آهي ته فديه جي عيوض اوهان کي اجر ۽ بخشش ملندي

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝

(٧٠) اي پيغمبر! لڙائي جي قيدين مان جيڪي ماڻهو تنهنجي قبضي ۾ آهن تن کي چئو ته، جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان جي دلين ۾ ڪجھ چڱائي ڏٺي ته پوءِ جيڪو (فديو) اوهان کان ورتو ويو آهي ان کان بهتر اجر توهان کي عطا فرمائيندو ۽ اوهان کي بخشي ڇڏيندو. هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝

(٧١) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو چاهين ته توسان دغا ڪن ته (به اهو ڪو سبب ناهي جنهن جي ڪري تون ان انديشي کان پنهنجو عملي دستور عدل ۽ احسان وارو ڦيرائي ڇڏين) اهي ماڻهو هن کان اڳي خود الله سان ٺڳيون ڪري چڪا آهن، ۽ انهيءَ ئي ڪري توکي هنن تي غلبو ڏنو ويو آهي. (ياد رک ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ حڪمت رکندڙ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰۗىِٕكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاۗءُ بَعْضٍ ۭ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰي قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝

(٧٢) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ پنهنجي مال ۽ جانين سان جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن (مڪي جي مهاجرن کي مديني ۾) جاءِ ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي سي اهي ماڻهو آهن جي هڪٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن، ۽ جن ماڻهن ايمان ته آندو پر هجرت نه ڪئي تن جي مدد ۽ رفاقت اوهان تي لازم ناهي، جيستائين هو پنهنجي وطن مان هجرت نه ڪن. پر جيڪڏهن دين جي باري ۾ توهان کان مدد گهرن ته پوءِ بيشڪ توهان تي انهن جي مددگاري لازم آهي. سواءِ ان حالت جي جو ڪنهن اهڙي قوم جي مقابلي ۾ مدد گهرن جنهن قوم سان توهان جو (صلح ۽ امن جو) عهدنامو ٿيل هجي. (چو ته ان حالت ۾ توهان عهد نامي جي خلاف عمل ڪري نٿا سگهو.) جيڪي جيڪي ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاۗءُ بَعْضٍ ۭ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ۝ۭ

(٧٣) ۽ (ڏسو) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (ڪفر جي واٽ ۾) هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن. جيڪڏهن توهان ائين نه ڪندؤ (يعني هڪ ٻئي سان محبت ۽ مددگاري نه ڪندؤ) ته ملڪ ۾ فتنو فساد پيدا ٿيندو ۽ وڏي خرابي ۽ بگاڙو پکڙبو.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ۭ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝

(٧٤) (مطلب ته) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن (مڪي جي مهاجرن کي) پناهه ڏني ۽ مدد ڪئي سي (مهاجرين ۽ انصار) في الحقيقت سچا مؤمن آهن ۽ انهن جي لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي.

وَالَّذِينَ آمَنُوا مِن بَعْدُ وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا مَعَكُمْ فَأُولَٰئِكَ مِنكُمْ ۚ وَأُولُو الْأَرْحَامِ بَعْضُهُمْ أَوْلَىٰ بِبَعْضٍ فِي كِتَابِ اللَّهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ جن ماڻهن پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ توهان سان شامل ٿي جهاد ڪيائون سي بہ توهان ۾ ئي داخل آهن. (انهن کي پاڻ کان الڳ نہ سمجهو) ۽ (باقي رهي هيءَ ڳالھ تہ) الله جي حڪم موجب مائٽ هڪٻئي جي ميراث جا وڌيڪ حقدار آهن، (انهيءَ ڪان جو انصار جو ترڪو مهاجر پاءُ ڏي وجي) بلاشبہ الله تعاليٰ هرهڪ ڳالھ جو علم رکندڙ آهي.

**سورت توبہ يا (براءَة ـ ذميواريءَ کان آزادي) مکي**

**رڪوع 1**

**جيڪڏهن عهدنامن توڙيندڙن سان تيستائين لڙائي جاري رکو جيستائين توبہ ڪن، ڪي مشرڪ جاهل آهن هنن کي موقعو ڏيو تہ الله جو ڪلام ٻڌن.**

بَرَاءَةٌ مِّنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ إِلَى الَّذِينَ عَاهَدتُّم مِّنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١﴾

(١) (مسلمانو) جن مشرڪن سان توهان (صلح ۽ امن جو) عهدنامون ڪيو هو، تن متعلق الله ۽ سندس رسول جي طرفان ذميواريءَ کان آزاد هئڻ لاءِ (اهي اعلان آهي تہ)

فَسِيحُوا فِي الْأَرْضِ أَرْبَعَةَ أَشْهُرٍ وَاعْلَمُوا أَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللَّهِ ۙ وَأَنَّ اللَّهَ مُخْزِي الْكَافِرِينَ ﴿٢﴾

(٢) چار مهينا ملڪ ۾ گهمو ڦرو (ڪا روڪ ٽوڪ ڪانهي، جئن مهينن بعد جنگ جي حالت قائم ٿيندي) ۽ ياد رکو تہ توهان (مشرڪ) ڪڏهن بہ الله کي عاجز ڪري نہ سگهندؤ (يعني مسلمانن ۽ اسلام جي فتح ۽ واڌاري کي روڪي نہ سگهندؤ) ۽ (پڻ يقين ڄاڻو تہ) الله تعاليٰ منڪرن کي (حق جي پيروي ڪندڙن هٿان) ذليل ۽ خوار خراب ڪندو.

وَأَذَانٌ مِّنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ إِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْأَكْبَرِ أَنَّ اللَّهَ بَرِيءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِينَ ۙ وَرَسُولُهُ ۚ فَإِن تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ وَإِن تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوا أَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللَّهِ ۗ وَبَشِّرِ الَّذِينَ كَفَرُوا بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣﴾

(٣) ۽ الله ۽ سندس رسول جي طرفان حج جي وڏي ڏينهن تي عام پڙهو ڏنو وڃي ٿو تہ الله هاڻي مشرڪن جي ذميواريءَ کان آزاد آهي ۽ سندس رسول بہ آزاد آهي (يعني عهدناما ٽٽي پيا ۽ مسلمان هاڻي انهن جو ذمون کڻڻ کان آزاد آهن) پوءِ جيڪڏهن توهان (مشرڪ دشمن هاڻي بہ ظلم ۽ شرارتن کان) توبہ ڪيو تہ ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري آهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالھ نہ مڃيندؤ تہ يقين ڄاڻو تہ توهان الله کي عاجز ڪري ڪين سگهندؤ. (اي پيغمبر!) جي ماڻهو ڪفر جي واٽ وٺي رهيا آهن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

إِلَّا الَّذِينَ عَاهَدتُّم مِّنَ الْمُشْرِكِينَ ثُمَّ لَمْ يَنقُصُوكُمْ شَيْئًا وَلَمْ يُظَاهِرُوا عَلَيْكُمْ أَحَدًا فَأَتِمُّوا إِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ إِلَىٰ مُدَّتِهِمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ ﴿٤﴾

(٤) سواءِ انهن مشرڪن جي جن سان توهان عهدنامون ڪيو هو ۽ هنن (قول قرار نڀائڻ ۾) ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي، نڪي توهان جي خلاف ڪنهن (دشمن) جي مدد ڪيائون. اوهان کي بہ گهرجي تہ هنن سان جيتري مدي لاءِ عهدنامون ٿيل آهي اوتري مدي تائين ان کي نڀايو. الله تعاليٰ انهن کي حب ڪري ٿو جيڪي (هرهڪ ڳالھ ۾) متقي رهن ٿا.

فَإِذَا انسَلَخَ الْأَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا

(٥) پوءِ جڏهن حرمت جا مهينا گذري وڃن تڏهن (جنگ جي حالت قائم

الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ
وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ
فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ
فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۵

تيندي پوءِ) مشرڪن کي جتي بہ ڏسو قتل ڪيو ۽ گرفتار ڪيو ۽ پڻ انهن کي گهيرو ڪيو ۽ هر جڳهه انهن جي تاڙ ۾ ويهو. پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن، نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين تہ پوءِ (وٺ پڪڙ نہ ڪيو ۽) ڪين آزاد ڇڏي ڏيو، بيشڪ الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي.

وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ
فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ
مَاْمَنَهٗ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۶ ع

(٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو اچي ۽ اوهان کان پناهہ گهري تہ ڪيس ضرور پناهہ ڏيو تيستائين جيستائين هو (چڱيءَ طرح) الله جو ڪلام ٻڌي وٺي، پوءِ ڪيس (سلامت) سندس امن واري جاءِ تي پهچايو. هيءُ حڪم هن ڪري ضروري ٿيو جو اهي ماڻهو (اسلام جي حقيقت کان) بي خبر آهن.

## رڪوع 2

**چو نہ توهان مسلمان هنن سان وڙهندؤ جڏهن تہ هنن رسول الله ﷺ کي ڪدي ڇڏيو ۽ اڳرائي ڪري لڙايون ڪيون.**

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَ
عِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ
الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ۭ
اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۷

(٧) ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ (هنن) مشرڪن جو عهد الله ۽ سندس رسول جي نظر ۾ (سچو) عهد سمجهڻ ۾ اچي؟ پر جن ماڻهن سان اوهان ڪعبت الله جي ويجهو (حديبيہ ۾) عهد ۽ پيمان ڪيو هو (۽ انهن ان کي نہ ٽوڙيو تن جو عهد بيشڪ سچو عهد آهي ۽( جيستائين اهي توهان سان (پنهنجي عهد تي) قائم رهن تيستائين توهان بہ انهن سان (پنهنجي عهد تي) قائم رهو. الله تعاليٰ انهن کي حب ٿو ڪري جي (پنهنجي سيني ڪمن ۾) متقي رهن ٿا.

كَيْفَ وَاِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ
اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَ
تَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ۸ ج

(٨) انهن مشرڪن جو عهد ڪيئن (سچو) عهد ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ هنن جو حال هيءُ آهي جو جيڪڏهن اڄ اوهان تي غلبو حاصل ڪن تہ نڪي توهان سان مائٽي هئڻ جو خيال ڪن، نڪي عهد ۽ پيمان جو (يعني توهان تي هر طرح جا ظلم ڪن ۽ قتل ڪرڻ چاهين ٿا، پر هنن جون دليون اوهان کان ڦريل آهن ۽ هنن ۾ اڪثر ماڻهو فاسق آهن (يعني سچائي ۽ خيرخواهيءَ جي بدران ٺڳي ۽ ظلم جي طريقن تي قائم آهن.)

اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ
سَبِيْلِهٖ ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۹

(٩) انهن ماڻهن الله جي آيتن کي تمام خسيس قيمت تي وڪڻي ڇڏيو (يعني نفساني خواهشن جي تابع ٿو ويا ۽ الله جي آيتن تي يقين ڪونہ ڪيائون). تنهن ڪري ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪڻ لڳا (افسوس هنن تي) ڪهڙا نہ برا فعل آهن، اهي جي اهي ماڻهو ڪندا رهن ٿا.

لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ وَ
اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ۱۰

(١٠) (اهي مشرڪ) ڪنهن بہ مؤمن سان نڪي مائٽي هئڻ جو لحاظ ٿا ڪن، نڪي عهدنامن جو. اهي ئي ماڻهو آهن جي ظلمن ۾ حد کان ٻاهر لنگهي ويا آهن.

فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ
فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ؕ وَنُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ
يَّعْلَمُوْنَ ⑪

(١١) بهرحال جيڪڏهن هو باز اچن، نماز قائم ڪن، زڪوات ڏين تہ (پوءِ توهان مسلمان بہ هنن جي خلاف هٿ نہ کڻو. اهي) اوهان جا دين جا ڀائر ٿي پيا، جيڪي ماڻهو علم رکن ٿا تن لاءِ اسان پنهنجون آيتون کولي کولي بيان ڪيون ٿا.

وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ
وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ
اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ⑫

(١٢) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجو عهدو  پيمان جو پاڻ ڪري چڪا آهن ٽوڙي ڇڏين ۽ اوهان جي دين کي طعني طور گهٽ وڌ ڳالهائين تہ پوءِ (هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي تہ انهن) ڪفر جي سردارن سان جنگ ڪيو. اهي اهڙا ماڻهو آهن جن جو قسم ناهي. (۽ توهان کي جنگ هن لاءِ ڪرڻ گهرجي) تان تہ هو (ظلم ۽ بدعهدي ڪان) باز اچي وڃن.

اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَ
هَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ
اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ
تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ⑬

(١٣) (مسلمانؤ!) ڇا توهان اهڙن ماڻهن سان جنگ نہ ڪندؤ جن عهدنامن تي ڪنيل قسم ٽوڙي ڇڏيا، جن الله جي رسول کي (سندس وطن مان) نيڪالي ڏيڻ جو منصوبو ٺاهيو ۽ وري اوهان جي خلاف لڙائي جي اڳرائي بہ سندن طرف کان ٿي؟ ڇا توهان کانئن ڊڄو ٿا؟ (جيڪڏهن ڊڄو ٿا تہ توهان مؤمن ناهيو ڇو تہ) جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله هن ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي تہ توهان فقط کانئس ڊڄو.

قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَ
يُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ صُدُوْرَ
قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ۙ⑭

(١٤) (مسلمانؤ!) هنن سان (بي ڌڙڪ) جنگ ڪيو. الله تعاليٰ اوهان جي هٿان کين عذاب ڏيندو، کين خوار ڪندو، توهان کي هنن تي فتح وارو ڪندو ۽ مؤمنن جي جماعت جي دلين جا سڀ ڏُک دور ڪري ڇڏيندو.

وَيُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى
مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑮

(١٥) سندن دلين جو ساڙ هٽايو ويندو ۽ وري جنهن متعلق چاهيندو تنهن ڏي پنهنجي رحمت جي موٽ ڪندو. الله تعالي! سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ حڪمت رکندڙ آهي.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ
الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ
وَلِيْجَةً ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑯

(١٦) (مسلمانؤ!) ڇا توهان هيئن سمجهيو آهي تہ توهان ايتري ۾ ئي ڇڏي ڏنا ويندؤ؟ حالانڪ اڃا تہ الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پوريءَ طرح آزمائش ۾ وڌو ئي ناهي جن اوهان مان جهاد ڪيو آهي ۽ الله ۽ سندس رسول ۽ مؤمنن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي پنهنجي ڳجهو دوست نہ بنايو آهي (ياد رکو تہ) جيڪي بہ عمل توهان ڪيو ٿا تن جي خبر الله کي آهي.

## رڪوع 3

## حاجين کي پاڻي پيارڻ يا مسجد الحرام کي آباد رکڻ ايڏو وڏو ڪم ناهي جيڏو خدا جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ

مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ

(١٧) مشرڪن کي هي حق ڪونهي تہ الله جي مسجدن کي آباد ڪن جڏهن تہ هو پاڻ (پنهنجو ڪفر قبول ڪري رهيا آهن ۽) شاهدي ڏيئي

شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ
حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۖۚ وَفِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾
اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا
اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾

رهيا آهن ته اسان ڪافر آهيون. اهي ماڻهو اهي آهن جن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويا، ۽ هو هميشه باهه جي عذاب ۾ رهڻ وارا آهن.

(١٨) في الحقيقت مسجد کي آباد ڪرڻ وارو ته اهو آهي جنهن الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو، نماز قائم ڪئي، زڪوات ڏني ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان به نه ڊنو. جيڪي ماڻهو اهڙا آهن انهن ئي بنسبت اميد رکي سگهجي ٿي ته هو (سعادت ۽ ڪاميابيءَ جي) راهه تي هلندڙ آهن.

اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ
اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) ڇا اوهان ماڻهن هيءَ ڳالهه ٺهرائي رکي آهي ته حاجين کي پاڻي پيارڻ جو بندوبست رکڻ ۽ ڪعبت الله کي آباد رکڻ اهڙو ئي وڏي درجي وارو ڪم آهي جهڙو انهيءَ شخص جو ڪم جنهن الله ۽ آخرت تي ايمان آندو آهي ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو. الله وٽ اهي ٻئي برابر ناهن ۽ الله (جو قانون آهي ته هو) ظلم ڪندڙن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهه نٿو کولي.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً
عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ پنهنجي جانين ۽ مالن سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو تن جو يقيناً الله وٽ تمام وڏو مان مرتبو آهي ۽ اهي ئي آهن جي ڪامياب ٿيڻ وارا آهن.

يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّ
جَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ۙ ﴿٢١﴾

(٢١) سندن پروردگار ڪين پنهنجي رحمت ۽ ڪامل رضامنديءَ جي خوشخبري ڏئي ٿو ۽ پڻ سندن لاءِ اهڙي باغن جي خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ هنن جي لاءِ دائمي نعمتون هونديون.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ
عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾

(٢٢) اهي انهن ۾ هميشه رهڻ وارا هوندا، يقيناً الله وٽ (نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ) تمام وڏو اجر آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَ
اِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى
الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ
هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) اي مومنؤ! جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا ڀائر ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي وڌيڪ پيارو رکن ته انهن کي پنهنجو رفيق ۽ ڪارساز نه بڻايو ۽ جيڪڏهن اوهان مان جيڪو به انهن کي رفيق ۽ ڪارساز بڻائيندو ته اهو اهڙن ماڻهن مان هوندو جيڪي (پاڻ تي) ظلم ڪرڻ وارا آهن.

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَ
اِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَ
اَمْوَالُ ٌۨ اقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ
كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ
اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ
سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَ

(٢٤) (اي پيغمبر! مسلمان کي) چئي ڏي ته جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جا مائٽ ۽ توهان جو مال جو توهان ڪمايو آهي ۽ توهان جو واپار جنهن جي سرد پوڻ ۽ نقصان هيٺ اچڻ جو توهان کي انديشو ٿئي ٿو ۽ توهان جي رهڻ جا مڪان جي توهان کي ايتري قدر پسند آهن، اهي سڀ شيون اوهان کي الله کان سندس رسول کان ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پياريون آهن ته (حق جي دعوت اوهان جي محتاج ناهي) توهان ترسو ۽

اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٢٤

انتظار ڪريو جيستائين جيڪي خدا کي ڪرڻو آهي سو توهان جي اڳيان آڻي ۽ الله (جو مقرر قانون آهي ته هو) فاسقن لاءِ (سعادت ۽ ڪاميابيءَ جي) راهه نٿو کولي.

## رڪوع 4

### مشرڪ ناپاڪ آهن ۽ آئنده ڪعبت الله ۾ داخل نه ٿين.

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ۝٢٥

(٢٥) (مسلمانؤ!) هيءَ حقيقت آهي ته الله تعاليٰ گهڻن ئي موقعن تي اوهان جي مدد ڪئي (جڏهن اوهان کي اوهان جي توراڻي ۽ هيڻائيءَ سبب ڪاميابيءَ جي اميد ڪانه هئي) ۽ حنين واري جنگ جي موقعي تي به. جڏهن توهان پنهنجي گهڻائي سبب بي پرواهه ٿو ويؤ (۽ سمجهيو هيوَ ته فقط پنهنجي گهڻائي سان فتح حاصل ڪري وٺنداسين) تڏهن اها گهڻائي اوهان جي ڪجهه به ڪم نه آئي ۽ زمين پنهنجي سڄي ڪشادگيءَ هوندي به (اوهان جي لاءِ) تنگ ۽ سوڙهي ٿي ويئي، آخر ڇا ٿيو جو توهان پٺي ڏئي ميدان مان ڀڄڻ لڳؤ.

ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ وَذٰلِكَ جَزَاۗءُ الْكٰفِرِيْنَ ۝٢٦

(٢٦) پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي رسول تي ۽ مؤمنن تي پنهنجي طرفان دل جي تسلي ۽ قرار نازل فرمايو ۽ اهڙيون فوجون لاٿيون جيڪي اوهان کي ڏسڻ ۾ ڪونه آيون ۽ (اهڙيءَ طرح) انهن ماڻهن کي عذاب ڏنائين جن ڪفر جي راهه اختيار ڪئي هئي ۽ اهائي جزا آهي انهن ماڻهن جي جيڪي ڪفر جي راهه اختيار ڪن (يعني سندن بدعمليءَ جو لازمي نتيجو اهوئي آهي).

ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰي مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٢٧

(٢٧) وري ان کان پوءِ الله تعاليٰ جنهن کي چاهيندو تنهن ڏانهن پنهنجي رحمت جي موٽ ڪندو (يعني توبهه قبول ڪندو) ۽ الله وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَاِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖٓ اِنْ شَاۗءَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝٢٨

(٢٨) اي مومنؤ! حقيقت هي آهي ته مشرڪ پليت آهن، (يعني شرڪ جي ڪري هنن جي دل جي پاڪائي هلي ويئي آهي) تنهن ڪري گهرجي ته هاڻي هن سال کان پوءِ (يعني سن 9 هجري بعد) ڪعبت الله جي ويجهو نه اچن ۽ جيڪڏهن توهان کي (هنن جي آمدرفت بند ٿيڻ ڪري) سڃائي ۽ تنگيءَ جو انديشو هجي (جو هو ضروري شيون آڻي واپار ڪندا آهن ته گهبرايو نه) الله تعاليٰ چاهيندو ته جلدئي اوهان کي پنهنجي فضل سان مالامال ڪري ڇڏيندو. الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَ

(٢٩) اهل ڪتاب مان جن ماڻهن جو حال هي آهي جو نڪي خدا تي (سچو) ايمان رکن ٿا، نڪي آخرت جي ڏينهن تي ۽ نڪي انهن شين کي

لَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ٢٩

حرام سمجهن ٿا، جن کي الله ۽ سندس رسول حرام ٺهرايو آهي، نڪي سچي دين تي عمل ڪندڙ آهن، تن سان ٻه (اي مسلمانو) جنگ ڪيو، جيستائين ڪ هو پنهنجي خوشيءَ سان جزيو ڏيڻ قبول ڪن ۽ اهڙي حالت ۾ٽجي جو هنن جي سرڪشي ٽٽي ويئي هجي.

رکوع 5

**دين اسلام جي ٻين دينن تي غالب پوڻ جي خوشخبري. سون چاندي گڏ ڪري رکڻ جو عذاب**

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ ۚ يُضَاهِـُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ٣٠

(٣٠) ۽ يهودي چون ٿا ته عزير الله جو پٽ آهي ۽ عيسائي چون ٿا ته مسيح الله جو پٽ آهي. اهي هنن جون ڳالهيون آهن فقط زبان ڪان آيل. (دماغ هلائين ته ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه چون) اهي ماڻهو به اهڙي ڳالهه ٿا چون جهڙي اڳي ڪافر چوندا هئا، مٿن الله جي لعنت هجي هو ڪاڏي جو ڪاڏي پٽڪي رهيا آهن.

اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ ۚ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ٣١

(٣١) انهن (اهل ڪتاب) الله کي ڇڏي پنهنجي عالمن ۽ درويشن کي (پنهنجا) رب ڪٽي بنايو آهي ۽ پڻ مريم جي پٽ مسيح کي حالانڪ کين جيڪو حڪم ڏنو ويو هو سواءِ هن ڪان سواءِ ڪجهه نه هو ته هڪ خدا جي ٻانهپ ڪيو. ڪانئس سو ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي (يعني خدا جي حڪمن خلاف ڪنهن به انسان جي حڪم جي تابعداري نه ڪجي) الله تعاليٰ پاڪ آهي، انهيءَ (شرڪت ۽ شريڪن) ڪان جي سندس ذات سان شامل ڪري رهيا آهن.

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ٣٢

(٣٢) اهي ماڻهو چاهين ٿا ته الله جي روشنيءَ (يعني حقيقي دين) کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائي ڇڏين، حالانڪ الله تعاليٰ اها روشني ڪامل ڪرڻ ڪان سواءِ رهندو، اگرچه ڪافرن کي اها ڳالهه پسند نه هجي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ٣٣

(٣٣) (ها) اهوئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي حقيقي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو، انهيءَ لاءِ ته انهيءَ دين کي سڀني (هٿراڏو ناهيل) دينن تي غالب ڪري ڇڏي، اگرچه مشرڪن کي ائين ٿيڻ پسند نه اچي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ٣٤

(٣٤) اي مومنؤ! ياد رکو ته (يهودين ۽ عيسائين جي) عالمن ۽ درويشن ۾ هڪ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي ماڻهن جو مال ناحق ناجائز طور ڪائن ٿا، ۽ الله جي راهه ڪان انهن کي روڪين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو سون چاندي پنهنجي خزاني ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى

(٣٥) (دردناڪ عذاب جي) انهيءَ ڏينهن (جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ)

بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ ۖ
هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِأَنْفُسِكُمْ فَذُوقُوا مَا كُنْتُمْ
تَكْنِزُونَ ﴿٣٥﴾

جڏهن (انهن جو گڏ ڪيل) سون چاندي جو ڍير باهہ ۾ تپايو ويندو ۽ ان سان سندن مٿا، پاسا ۽ پٺيون ڏنڀيون وينديون. (۽ ان وقت کين چيو ويندو تہ) هي آهي اهو خزانو جو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو. سو جيڪو خزانو گڏ ڪري رکيو هو تنهنجو مزو اچ چکي وٺو.

إِنَّ عِدَّةَ الشُّهُورِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ
شَهْرًا فِي كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ
الْأَرْضَ مِنْهَا أَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ۚ ذٰلِكَ الدِّينُ
الْقَيِّمُ ۚ فَلَا تَظْلِمُوا فِيهِنَّ أَنْفُسَكُمْ ۚ وَ
قَاتِلُوا الْمُشْرِكِينَ كَافَّةً كَمَا يُقَاتِلُونَكُمْ
كَافَّةً ۚ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِينَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) الله تعاليٰ وٽ مهينن جو ڳاڻاٽو ٻارهن مهينن جو آهي. الله جي ڪتاب ۾ ائين ئي لکيو ويو انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيائين. انهن (ٻارنهن مهينن) مان چار مهينا حرمت جا مهينا ٺهرايا ويا (جن ۾ جنگ ڪرڻ ناجائز آهي، پوءِ انهن حرمت جي مهينن ۾ (جنگ ۽ خونريزي ڪري) پنهنجي جانين تي ظلم نہ ڪيو. ۽ اوهان سڀني (مسلمانن) کي گهرجي تہ سڀني مشرڪن سان گڏجي لڙائي ڪيو، جيئن هو سڀ اوهان سڀني سان گڏجي لڙائي ٿا ڪن ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي (هر حال ۾) متقي آهن.

إِنَّمَا النَّسِيءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ
الَّذِينَ كَفَرُوا يُحِلُّونَهُ عَامًا وَيُحَرِّمُونَهُ
عَامًا لِيُوَاطِئُوا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوا
مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ۚ زُيِّنَ لَهُمْ سُوءُ أَعْمَالِهِمْ ۗ وَ
اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِينَ ﴿٣٧﴾ ع

(٣٧) ”نسي“ (يعني ڪنهن مهيني کي سندس جاءِ تان هٽائڻ جيئن مڪي جا ڪافر پنهنجي مطلب لاءِ ۽ ٻين کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪندا هئا) هن ڪان سواءِ ڪجھ ناهي تہ ڪفر ۾ ڪجھ وڌيڪ زيادتي ڪرڻ آهي. ان جي ڪري ڪافر گمراهيءَ ۾ پون ٿا. ساڳئي ئي مهيني کي هڪڙي سال حلال سمجهن ٿا (يعني ان ۾ لڙائي جائز ٺهرائن ٿا) وري ساڳئي ئي مهيني کي ٻئي سال حرام ٺهرائين ٿا (يعني ان ۾ لڙائي ناجائز ٺهرائين ٿا) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ حرمت جي مهينن جو جيڪو ڳاڻاٽو رکيو آهي، تنهن کي پنهنجي ڳاڻاٽي مطابق ڪري الله جي حرام ڪيل مهينن کي حلال ڪري ڇڏين. سندن نظرن ۾ سندن برا ڪم سهڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ الله (جو قانون آهي تہ هو) حق جي منڪرن لاءِ (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ نٿو کولي.

رڪوع 6

**حق جي لاءِ ويڙهہ ڇڏي ڏيندو تہ الله تعالي! اوهان کي دردناڪ عذاب ۾ وجهندو ۽ اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي ڪڙو ڪندو.**

يٰأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا مَا لَكُمْ إِذَا قِيلَ لَكُمُ
انْفِرُوا فِي سَبِيلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ إِلَى الْأَرْضِ ۚ
أَرَضِيتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْآخِرَةِ ۚ فَمَا
مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْآخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾

(٣٨) مومنؤ! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو جڏهن توهان کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ الله جي راهہ ۾ قدم ڪڍو (يعني جهاد لاءِ نڪرو) تڏهن توهان جا پير ڳورا ٿو زمين کي چهٽي پون ٿا؟ ڇا آخرت کي ڇڏي فقط دنيا جي زندگيءَ تي ريجهي ويا آهيو؟ (جيڪڏهن ائين آهي) تہ (ياد رکو تہ) دنيا جي زندگيءَ جو متاع تہ آخرت جي ڀيٽ ۾ ڪجھ بہ نہ آهي، پر تمام ٿورو.

إِلَّا تَنْفِرُوا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا ۙ وَ
يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْئًا ۗ وَ

(٣٩) جيڪڏهن (جهاد لاءِ) قدم نہ ڪڍندؤ تہ ياد رکو تہ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب ۾ وجهندو، ۽ اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي آڻي

اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٩﴾

ڪڙو ڪندو، ۽ توهان (پاڻ کي دشمنن کان بچائڻ ۾ غفلت ڪرڻ سان) الله جو ته ڪجهه به ڪم بگاڙي نه سگهندؤ (اٽلندو پنهنجو ئي نقصان ڪندؤ) ۽ الله تعاليٰ هر ڪنهن ڳالهه تي قادر آهي.

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ۗ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ۗ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٤٠﴾

(٤٠) جيڪڏهن توهان الله جي رسول جي مدد نه ڪندؤ ته (نه ڪيو) الله ته سندس مدد ڪئي ۽ انهيءَ وقت مدد ڪئي جڏهن ڪافرن کيس (مڪي مان) ڪڍي ڇڏيو هو (۽ هو فقط ٻه ڄڻا هئا. هڪ پاڻ سڳورا ۽ ٻيو حضرت ابوبڪر صديق) ۽ ٻن ۾ ٻيو (الله جو رسول) هو ۽ ٻئي (ثور جي) غار ۾ لڪا ويٺا هئا. ان وقت الله جي رسول پنهنجي سنگتيءَ کي چيو هو ته، غمگين نه ٿي، يقيناً الله اسان سان ساڻ آهي. (هو دشمنن کي اسان تي قابض نه ڪندو) پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي قرار ۽ تسلي هن تي (يعني حضرت ابوبڪر صديق تي) نازل ڪئي ۽ پڻ اهڙين فوجن سان مدد ڪئي جن کي توهان نٿا ڏسو، ۽ آخرڪار ڪافرن جي ڳالهه هيٺ ٿي، (يعني هو ناڪامياب ٿيا) ۽ الله ئي جي ڳالهه آهي جنهن کي بلندي آهي ۽ الله تعاليٰ غالب پوندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) (مسلمانو! هٿيارن ۽ سامان سان جو) هلڪو هجي توڙي ڳورو هجي، جنهن به حال ۾ هجو نڪري ڪڙا ٿيو (جو مدافعت لاءِ توهان کي سڏيو ويو آهي) ۽ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو، جيڪڏهن توهان (پنهنجي نفعو نقصان) ڄاڻو ٿا ته، هي (يعني جهاد ڪرڻ) توهان جي حق ۾ بهتر آهي.

لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْ بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ۗ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن (تنهنجو سڏ ڪنهن اهڙي ڳالهه لاءِ هجي ها جنهن ۾) ترت فائدو ڏسڻ ۾ اچي ها ۽ اهڙي سفر لاءِ هجي ها جو سولو هجي ها ته اهي (منافق) بي ڌڙڪ تنهنجي پٺيان لڳن ها، پر هنن کي (تبوڪ جي) راهه دوريءَ جي راهه ڏسڻ ۾ آئي (تنهن ڪري نٽائڻ لڳا) ۽ (تون ڏسندين ته هو) سگهوئي الله جا قسم کڻي (مسلمانن کي) چوندا ته جيڪڏهن اسان جو وس هجي ها ته ضرور توهان سان شامل ٿي نڪرون ها (افسوس سندن حال تي) هو (ڪوڙا قسم کڻي) پاڻ کي تباهيءَ ۾ وجهي رهيا آهن ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته هو بلڪل ڪوڙا آهن.

## رڪوع 7

## مومنن لاءِ فقط اميد ۽ ڪامراني آهي، نه مايوسي ناڪامي

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (اي پيغمبر!) الله توکي بخشي! تو ڇو ائين ڪيو جو (هنن جي ڪوڙن عذرن تي) هنن کي (پٺتي رهڻ جي) اجازت ڏئي ڇڏيئي؟ (ٿيستائين ته اجازت نه ڏئين ها) جيستائين توکي چڱي طرح معلوم ٿي وڃي ها ته ڪهڙا سچا آهن ۽ پر ڪي وٺين ها ته ڪهڙا ڪوڙا) آهن.

لَا يَسْتَأْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾

(٤٤) جيڪي ماڻهو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا سي ڪڏهن بہ توکان اجازت نہ گهرندا تہ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان (الله جي راهہ ۾) جهاد ڪريون ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ ڪير متقي آهن.

اِنَّمَا يَسْتَأْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ ارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) توکان اجازت گهرڻ وارا تہ اهي ئي آهن جي (في الحقيقت) الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ انهن جون دليون شڪ ۾ پيل آهن. تنهن ڪري شڪ جي حالت ۾ پيا ٿا ٻڏن چڙهن.

وَ لَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّ لٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَ قِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) ۽ جيڪڏهن سچ پچ انهن (منافقن) نڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي ها تہ ان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ سمر ۽ سامان جي تياري ضرور ڪن ها، پر (حقيقت هيءَ آهي تہ) الله تعاليٰ سندن اٿڻ (۽ جنگ لاءِ نڪرڻ) پسند ئي نہ ڪيو. تنهن ڪري هنن کي ڳورو ڪري ڇڏيائين ۽ ڪين چيو ويو (يعني سندن ڳورائي ڪين چيو تہ) ٻين ويهي رهڻ وارن سان گڏ توهان بہ ويهي رهو (۽ جنگ لاءِ نہ نڪرو).

لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّ لَاْ اَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَ فِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) جيڪڏهن اهي (منافق) توهان مسمانن ۾ (رل مل ٿي) نڪرن ها تہ توهان جي اندر سواءِ خرابين جي ٻيو ڪجهہ بہ زياده نہ ڪن ها ۽ ضرور هو توهان جي وچ ۾ فتنہ انگيزي جا ڇار پڪيڙين ها ۽ (توهان کي معلوم آهي تہ) توهان ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جي سندن ڳالهين تي ڪن ڏيڻ وارا آهن، ۽ الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو تہ ڪير ظلم ڪرڻ وارا آهن.

لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَ قَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَ ظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ هُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿۴۸﴾

(٤٨) (اي پيغمبر!) هي حقيقت آهي تہ انهن (منافقن) هن کان اڳي بہ (احد واري جنگ وقت) فتني جون ڪوششون ڪيون ۽ تنهنجي تجويزون ڊاهڻ چاهيائون، تانجو نيٺ سچائي ظاهر ٿي پيئي ۽ الله جو حڪم غالب پيو، اگرچہ ائين ٿيڻ هنن کي سخت ناپسند هو.

وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَ لَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَ اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) ۽ انهن (منافقن) ۾ ڪو اهڙو بہ آهي جو چوي ٿو تہ مون کي اجازت ڏيڻ فرمايو (تہ گهر ۾ ويٺو رهان) ۽ مون کي فتني ۾ نہ وجهو. ياد رکو تہ، اهي ماڻهو هونئين ئي فتني جي کڏ ۾ ڪري پيا آهن (جو ڪوڙا عذر ٺاهي خدا جي راهہ کان منهن موڙيو اٿن) ۽ بلاشبہ دوزخ ڪافرن کي گهيرو ڪيون ويٺو آهي.

اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَ اِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَاۤ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَ يَتَوَلَّوْا وَّ هُمْ فَرِحُوْنَ ﴿۵۰﴾

(٥٠) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪا چڱي ڳالهہ حاصل ٿئي ٿي تہ هنن (منافقن) کي ساڙ ۽ ڏک ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن توکي ڪا تڪليف درپيش اچي ٿي تہ چوڻ لڳن ٿا تہ انهيءَ ئي خيال اچڻ ڪري اسان اڳيئي دورانديشي ڪري مصلحت وارو عمل ڪيو (۽ پيغمبر سان انهي ڪم ۾ شامل نہ ٿياسين) ۽ پوءِ (ڳچيءَ کي موڙو ڏيئي) وڏي خوشيءَ ۾ ڦري هليا وڃن ٿا.

قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾

(٥١) (اي پيغمبر! تون) چئو تہ اسان کي ڪجھ بہ پيش نٿو اچي سگھي سواءِ ان جي جيڪي الله تعاليٰ اسان جي لاءِ (پنهنجي ڪتاب ۾) لکي ڇڏيو آهي. اهوئي اسان جو ڪارساز آهي ۽ مؤمنن کي گھرجي تہ فقط الله تي (هر طرح جو) ڀروسو رکن.

قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ۭ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ڮ فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) (اي پيغمبر! تون انهن کي) چئو تہ توهان اسان جي لاءِ جنهن ڳالھ جو انتظار ڪيو ٿا (يعني جنگ ۾ قتل ٿيڻ جو) اهو اسان جي لاءِ ٻن چڱاين مان هڪڙي چڱائي آهي (يعني فتح ۽ شهادت جي چڱاين مان شهادت واري چڱائي) ۽ اسان توهان جي لاءِ جنهن ڳالھ جا منتظر آهيون اها هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ اوهان تي پاڻ وٽان ڪو عذاب موڪلي ۽ يا اسان جي هٿان عذاب ڏياري، سو هاڻي (نتيجي جو) انتظار ڪيو. اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارا آهيون.

قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ۭ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ چؤ تہ توهان (منافق ظاهري طور) خوشيءَ سان (حق جي راھ ۾) خرچ ڪيو يا ناخوشيءَ سان خرچ ڪيو، توهان جو خرچ ڪرڻ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو ويندو. ڇو تہ توهان ماڻهو (الله جي حڪمن جا) نافرمان آهيو.

وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) ۽ هنن جو خرچ ڪرڻ هن ڪري قبول نہ پيو جو هنن الله ۽ سندس رسول کي نہ مڃيو. (اگرچہ ظاهري طور ايمان جي دعويٰ ۾ هو ڪنهن ڪان بہ پٺتي نہ آهن) هو نماز لاءِ اچن ٿا تہ سستي ۽ ڍرائي سان ۽ مال خرچ ڪن ٿا پر سخت ناپسندي ۽ ناراضگيءَ سان.

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) پوءِ هيءَ ڳالھ تہ انهن ماڻهن وٽ مال ۽ دولت آهي ۽ گھڻي اولاد وارا آهن توکي عجب ۾ نہ وجهي. هي تہ رڳو انهيءَ لاءِ آهي تہ الله تعاليٰ (سندن) مال ۽ اولاد جي ذريعي ئي کين دنيوي زندگيءَ ۾ عذاب ڏيڻ چاهي ٿو. (جو منافقي ۽ ڪنجوسائي ۽ بي سبب مال جو خرچ ڪرڻ هنن لاءِ وڏي مصيبت آهي، ۽ هنن جي اولاد جو مسلمان ٿيڻ ۽ کين ڇڏي وڃڻ بہ هنن کي رات ڏينهن ساڙ ڏئي رهيو آهي) ۽ (باقي رهي آخرت جي ڳالھ سو) هنن جو ساھ هن حالت ۾ نڪرندو جو هو ان وقت بہ ڪفر ۾ هوندا (۽ ايمان کان محروم هوندا).

وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ۭ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) ۽ (ڏسو اهي منافق) الله جا قسم کڻي کڻي (اوهان کي) يقين ٿا ڏيارين تہ هو توهان مان ئي آهن (يعني اوهان وانگُر ايمان وارا آهن) حالانڪ هو اوهان مان ناهن، بلڪ هڪ اهڙي ٽولي آهن جيڪي ڊپ ۽ هراس ۾ آهن (تہ متان اسان جي منافقي ظاهر ٿي پوي).

لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا

(٥٧) (هنن جي دلين جي خوف ۽ نفرت جو حال هي آهي جو) جيڪڏهن

لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾

هنن کي پناهہ جي ڪا جاءِ ملي وڃي يا ڪا غار ملين يا ڪو لڪي ويهڻ جو سوراخ ملين تہ هو هڪدم اوڏاهين رخ رکندا ڇڻ تہ رسو ڇنائي ڀڄي رهيا آهن.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ فِي الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا مِنْهَآ اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا آهن جي زڪوات جو مال ۽ صدقا ورهائڻ ۾ توتي (پاسخاطريءَ جي) تهمت لڳائين ٿا. پوءِ هنن جي حالت تہ هيءَ آهي جو جيڪڏهن ڪين ان مان ڏنو وڃي ٿو تہ خوش ٿا ٿين ۽ جيڪڏهن ان مان ڪين نٿو ڏنو وڃي تہ بس هڪدم (ڪاوڙ ۾) بگڙي ٿا پون.

وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) ۽ (ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها) جيڪڏهن هيئن ٿئي ها جو جيڪي الله ۽ سندس رسول ڪين ڏنو، تنهن تي راضي رهن ها ۽ چون ها تہ الله تعاليٰ اسان جي لاءِ ڪافي (رزاق) آهي. الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسان کي (گهٽوئي) عطا فرمائيندو ۽ سندس رسول بہ (ڏيڻ ۾ گهٽتائي ڪانہ ڪندو) اسانجي لاءِ الله ئي مقصود آهي (۽ هن ۾ ئي اميدون رکي ڏانهنس متوجهہ ٿيون ٿا).

## رڪوع 8

## صدقا ۽ زڪوات جو مال ڪيئن خرچ ڪجي؟ منافقن جون ٺوڪبازيون ڪفر جو ڪم آهن

اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَفِي الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۭ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾

(٦١) صدقي جو مال (يعني زڪوات جو مال) فقط فقيرن (نادارن) لاءِ ۽ مسڪينن لاءِ ۽ انهن (ڪامورن) لاءِ جي ان جي وصولي لاءِ مقرر ڪيا وڃن، ۽ انهن لاءِ جن جي دلين ۾ (حق جي ڪلمي جي) الفت (شوق محبت) پيدا ڪرڻي آهي (مثلاً تبليغ ڪرڻ سان). ۽ انهن لاءِ جن جا ڳردن (غلاميءَ جي زنجيرن ۾) جڪڙيل آهن (۽ انهن کي آزاد ڪرائڻو آهي) ۽ پڻ قرضدارن جي لاءِ (جي قرض ۾ پورجي ويا هجن ۽ قرض لاهڻ جي طاقت ڪانہ اٿن) ۽ الله جي راهہ ۾ (يعني جهاد لاءِ ۽ انهن سيني ڪمن لاءِ جي جهاد وانگر حق جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ لاءِ هجن) ۽ مسافرن لاءِ (جي مفلس هجن ۽ گهر پهچي نہ سگهن) آهي. اهو الله جي طرف ڪان ٺهرايل حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ۭ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۭ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ

(٦١) ۽ انهن (منافقن) ۾ آهي ماڻهو بہ آهن (جي الله جي) نبي سڳوري کي (پنهنجي بد الفاظن سان) تڪليف ڏيڻ چاهين ٿا ۽ چون ٿا تہ هي شخص (يعني رسول الله) تہ گهڻو ٿو ٻڌي ۽ سڀ ڳالهہ تي ڪن ٿو ڏئي. (يعني جيڪو بہ ماڻهو ڪا ڳالهہ ڪيس چوي ٿو سا مڃي ٿو. اي پيغمبر! تون چئو تہ، بيشڪ مان گهڻي ٻڌڻ وارو آهيان، پر توهان جي ئي بهتري

عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٦١﴾

لاءِ (گهٽو ڪن ٿو ڏيان، چو تہ مان حق ڪان سواءِ ڪابہ ڳالهہ قبول نٿو ڪريان). هو (يعني خدا جو رسول) الله تي يقين ٿو رکي ۽ سچن مؤمنن جي ڳالهہ تي اعتبار ٿو ڪري ۽ هو انهن ماڻهن لاءِ سراسر رحمت آهي جن اوهان مان ايمان آندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي رسول کي ايذاءُ پهچاڻ چاهين ٿا تن لاءِ دردناڪ عذاب (تيار رکيل) آهي.

يَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَكُمۡ لِيُرۡضُوۡكُمۡ‌ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗۤ اَحَقُّ اَنۡ يُّرۡضُوۡهُ اِنۡ كَانُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٦٢﴾

(62) (اي مسلمانو) اهي (منافق) اوهان جي اڳيان الله جا قسم کڻن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي خوش ڪري وٺن، حالانڪ جيڪڏهن هو سچا مؤمن هجن ها تہ (سمجهن ها تہ) الله ۽ سندس رسول هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ هن کي (پنهنجي ايمان ۽ عملن سان) راضي رکن.

اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّهٗ مَنۡ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيۡهَا‌ ؕ ذٰلِكَ الۡخِزۡىُ الۡعَظِيۡمُ ﴿٦٣﴾

(٦٣) ڇا (اڃا تائين) هنن کي هيءَ ڳالهہ بہ معلوم نہ ٿي آهي تہ جيڪو بہ الله ۽ سندس رسول جو مقابلو ٿو ڪري تنهن جي لاءِ دوزخ جي باهہ آهي ۽ هميشہ ان ۾ سڙندو؟ ۽ اها تمام وڏي ذلت ۽ خواري آهي.

يَحۡذَرُ الۡمُنٰفِقُوۡنَ اَنۡ تُنَزَّلَ عَلَيۡهِمۡ سُوۡرَةٌ تُنَبِّئُهُمۡ بِمَا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ‌ ؕ قُلِ اسۡتَهۡزِءُوۡا‌ ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخۡرِجٌ مَّا تَحۡذَرُوۡنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) منافق هن ڳالهہ کان بہ ڊڄن ٿا (يعيني مسخريءَ طور چون ٿا تہ) شل ائين نہ ٿئي جو سندن باري ۾ ڪا سورت نازل ٿئي ۽ جيڪي سندن دلين ۾ (لڪل) آهي سو کين (يعني مسلمانن کي کليءَ طرح) ٻڌائي ڇڏي. (اي پيغمبر!) تون انهن کي چئي ڏي تہ اوهان (پنهنجي عادت مطابق) مسخريون ڪندا رهو. يقيناً الله تعاليٰ هاڻي اها ڳالهہ ڪڍي ٻاهر ڪرڻ وارو آهي جنهن جو توهان کي انديشو رهي ٿو.

وَلَـئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ لَيَـقُوۡلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوۡضُ وَنَلۡعَبُ‌ ؕ قُلۡ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوۡلِهٖ كُنۡتُمۡ تَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کان پڇين تہ (اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟ تہ) هو ضرور جواب ۾ چوندا تہ اسان تہ هونئن ئي مزي طور هڪڙي ڳالهہ ڪري ۽ فقط کل چرچو ٿي ڪيو. تون (کين) چئو تہ، ڇا توهان الله سان سندس آيتن سان ۽ سندس رسول سان کل چرچو ٿا ڪيو؟

لَا تَعۡتَذِرُوۡا قَدۡ كَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ‌ ؕ اِنۡ نَّعۡفُ عَنۡ طَآئِفَةٍ مِّنۡكُمۡ نُعَذِّبۡ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا مُجۡرِمِيۡنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) بهانا نہ بنايو - حقيقت هيءَ آهي تہ توهان ايمان جو اقرار ڪري وري ڪفر اختيار ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان (يعني خدا تعاليٰ) توهان مان هڪڙي جماعت کي (سندن پشيماني ۽ باز اچڻ تي) معاف بہ ڪري ڇڏيون تہ بہ هڪڙي ٽوليءَ کي ضرور عذاب ڏينداسين هن ڪري جو (اصل ۾) اهي ئي گنهگار هئا.

رکوع 9

**منافق هڪ ٻئي کي گناهن جو حڪم ٿا ڏين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ کان منع ٿا ڪن ۽ خدا جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن.**

اَلۡمُنٰفِقُوۡنَ وَالۡمُنٰفِقٰتُ بَعۡضُهُمۡ مِّنۡۢ

(٦٧) منافق مرد ۽ منافق عورتون سڀ هڪٻئي جي جنس آهن. برائين

بَعْضٍ يَأْمُرُونَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ
الْمَعْرُوفِ وَيَقْبِضُونَ أَيْدِيَهُمْ نَسُوا اللَّهَ
فَنَسِيَهُمْ إِنَّ الْمُنَافِقِينَ هُمُ الْفَاسِقُونَ ﴿٦٧﴾

جو حڪم ڏين ٿا ۽ چڱين ڳالهين کان روڪين ٿا ۽ (حق جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کان) پنهنجون مٺيون بند رکن ٿا. حقيقت هيءَ آهي تہ هنن الله کي وساري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ بہ کين وساري ڇڏيو آهي. (يعني کين ڏکو رسو ڏنو آهي تہ پلي پاڻ کي پاڻ وڏيڪ برن ڪمن ڪرڻ سان تباهي جي کڏ ۾ وجهن) بيشڪ اهي منافق ئي آهن جي (حق جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن.

وَعَدَ اللَّهُ الْمُنَافِقِينَ وَالْمُنَافِقَاتِ وَالْكُفَّارَ
نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدِينَ فِيهَا هِيَ حَسْبُهُمْ وَ
لَعَنَهُمُ اللَّهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُقِيمٌ ﴿٦٨﴾

(٦٨) منافق مردن ۽ منافق عورتن لاءِ ۽ (کليو کلايو) انڪار ڪندڙن لاءِ الله جي طرف کان دوزخ جي باهہ جو واعدو ٿيل آهي. جنهن ۾ هو هميشہ رهندا ۽ اها باهہ هنن لاءِ ڪافي (سزا) آهي. پڻ الله تعاليٰ مٿن لعنت ڪئي ۽ هنن لاءِ اهڙو عذاب آهي جو قائم رهندو.

كَالَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوا أَشَدَّ مِنْكُمْ
قُوَّةً وَأَكْثَرَ أَمْوَالًا وَأَوْلَادًا فَاسْتَمْتَعُوا
بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا
اسْتَمْتَعَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَ
خُضْتُمْ كَالَّذِي خَاضُوا أُولَٰئِكَ حَبِطَتْ
أَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَأُولَٰئِكَ
هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) (اي منافقو اوهان جو حال بہ اهڙو ئي آهي) جهڙو انهن ماڻهن جو هو جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. اهي اوهان کان وڌيڪ طاقت وارا هئا ۽ مال دولت ۽ اولاد بہ اوهان کان گهڻو هون. پوءِ جيڪي (دنيائي فائدا) هنن جي حصي ۾ آيا تن جو مزو ورتائون. اوهان بہ پنهنجي حصي جو فائدو اهڙيءَ طرح ماڻيو جهڙيءَ طرح هنن ماڻيو هو ۽ جهڙيءَ طرح (باطل پرستيءَ جون واهيات) ڳالهيون هو ڪري ويا، تهڙيءَ طرح توهان بہ ڪري ورتيون. (پوءِ ياد رکو تہ) اهي ئي ماڻهو هئا جن جا سڀ ڪم دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا ۽ اهي ئي آهن جي گهاٽو ۽ نقصان پائيندا.

أَلَمْ يَأْتِهِمْ نَبَأُ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ
نُوحٍ وَعَادٍ وَثَمُودَ وَقَوْمِ إِبْرَاهِيمَ وَ
أَصْحَابِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكَاتِ أَتَتْهُمْ
رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنَاتِ فَمَا كَانَ اللَّهُ لِيَظْلِمَهُمْ
وَلَٰكِنْ كَانُوا أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿٧٠﴾

(٧٠) ڇا انهن ماڻهن کي انهن ماڻهن جو احوال نہ مليو آهي، جيڪي ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم، ابراهيم جي قوم ۽ مدين جا ماڻهو ۽ اهي جن جا ڳوٺ ۽ آباديون اونڌيون (ڪري تباه) ڪيون ويون. انهن سڀني جا رسول انهن وٽ روشن دليلن سان آيا هئا (پر هو انڌا ٻوڙا رهيا ۽ تباه ٿيا) ۽ ائين هرگز ٿي نہ ٿي سگهيو جو الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪري، پر هو پاڻ ئي پاڻ ظلم ڪندا رهيا (۽ پاڻ کي پاڻ تباهن ڪيائون.)

وَالْمُؤْمِنُونَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ
بَعْضٍ يَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ
الْمُنْكَرِ وَيُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَ
يُطِيعُونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ أُولَٰئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ
اللَّهُ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٧١﴾

(٧١) ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون سڀ هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن. هو نيڪي جو حڪم ڏين ٿا، برائيءَ کان روڪين ٿا، نماز قائم رکن ٿا، زڪوات ڏين ٿا، ۽ (هر حال ۾) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪن ٿا. سو اهي ئي ماڻهو آهن جن تي جلد الله تعاليٰ رحمت ڪندو، يقيناً الله سڀني تي غالب ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَعَدَ اللَّهُ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ جَنَّاتٍ

(٧٢) مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن جي لاءِ الله جي طرف کان (دائمي

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ
مَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ وَرِضْوَانٌ
مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾

نعمتن جي) باغن جو وعدو آهي. جن باغن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون (۽ انهيءَ ڪري ڪڏهن به خشڪ ٿيڻ وارا نه آهن) هو هميشه انهن ۾ رهندا. پڻ هنن جي لاءِ دائمي باغن ۾ پاڪ رهڻ جون جايون هونديون ۽ انهن سڀني (نعمتن) کان وڏيڪ ۽ وڏي (نعمت هي هوندي جو) الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ راضپو کين نصيب ٿيندو. اهائي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ۽ سعادت آهي.

## رڪوع 10

**اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر، هو ظاهري اسلام آڻي پوءِ ڪفر ڪن ٿا**

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَ
اغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ
الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾

(٧٣) اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ ساڻن سختيءَ سان پيش اچ. (ڇو ته ڪافرن جون عهد شڪنيون ۽ منافقن جا فريب ۽ ٺڳيون هاڻي آخري حد تائين پهچي چڪيون آهن) آخر ته هنن جو مڪان دوزخ آهي ۽ دوزخ کهڙي نه خراب جاءِ آهي پهچڻ لاءِ (۽ ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ).

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ
الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَا
لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَ
رَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا
لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا
اَلِيْمًا ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ فِي
الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾

(٧٤) اهي (منافق) الله پاڪ جا قسم کڻي چون ٿا ته اسان ائين ڪونه چيو، پر سچ هي آهي ته هنن يقيناً ڪفر جي ڳالهه چئي، هو اسلام قبول ڪري وري به ڪفر جي چال چليا، ۽ انهيءَ ڳالهه جو منصوبو ٺاهيائون جنهن ۾ ڪامياب نه ٿيا. هنن جا جو وير ٿي ورتو؟ فقط هن ڳالهه جو ته الله ۽ سندس رسول انهن کي پنهنجي فضل سان (غنيمت جو مال ڏيئي ڏيئي ۽ واپار وڌائي) تونگر ڪري ڇڏيو هو. بهرحال جيڪڏهن اهي ماڻهو هاڻي به باز اچن ته سندن لاءِ بهتر آهي. پر جيڪڏهن منهن موڙيندا رهندا ته پوءِ ياد رکن ته الله تعاليٰ ضرور کين دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب ڏيندو. ۽ روءِ زمين تي هنن لاءِ نڪو ڪو ڪارساز هوندو، نڪو ڪو مددگار.

وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ
لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾

(٧٦) ۽ (ڏسو ته) هنن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جن الله سان عهد ڪيو هو ته، جيڪڏهن هو پنهنجي فضل سان اسان کي (مال ۽ دولت) عطا فرمائيندو ته اسان ضرور صدقا ڏيندا سين ۽ ضرور نيڪي جي زندگي گذاريندا سين (يعني صالح عمل ڪنداسين).

فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّ
هُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧٦﴾

(٧٨) پوءِ جڏهن الله تعاليٰ هنن کي پنهنجي فضل سان (مال) عطا فرمايو تڏهن ان ۾ ڪنجو سائي ڪرڻ لڳا، ۽ (پنهنجي عهد اقرار کان) ڦري ويا. ۽ حقيقت هي آهي ته (نيڪيءَ کان) هنن جون دليون ڦريل آهن.

فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ
يَلْقَوْنَهٗ بِمَاۤ اَخْلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوْهُ وَ
بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) پوءِ (انهيءَ ڳالهه جو نتيجو هي نڪتو جو) سندن دلين ۾ منافقيءَ (جو مرض) دائيمي ٿي ويو، انهيءَ تائين (يعني قيامت جي ڏينهن تائين جڏهن الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ٿيندا ۽ اها حالت) هن ڪري ٿيندي جو

هنن الله سان جيڪو واعدو ڪيو هو سو (ڄاڻي ٻجهي) نہ پاڙيو ۽ پڻ هن ڪري جو ڪوڙ ڳالهائيندا رهندا هئا.

اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَ نَجْوٰىهُمْ وَ اَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٧٨﴾

(٧٨) (افسوس) هنن ايترو بہ نٿي ڄاتو ڇا؟ تہ الله تعاليٰ سندن راز ۽ ڳجهہ ۽ سندن ڳجهيون صلاحون ۽ منصوبا چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ هيءَ ڳالهہ تہ الله تعاليٰ کان غيب جي ڪابہ ڳالهہ لڪل ناهي.

اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِي الصَّدَقٰتِ وَ الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ ؕ سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ۫ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٩﴾

(٧٩) جن (منافقن) ماڻهن جو حال هي آهي جو خوشيءَ ۽ اخلاص سان صدقا ڏيڻ وارن مؤمنن تي (رياڪاريءَ جي) تهمت لڳائين ٿا ۽ جن مؤمنن کي پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل ناهي (۽ ان ٿورڙي ڪمائي مان بہ جيترو ٿي سگهين ٿو اوترو حق جي راه ۾ خرچ ڪري ڇڏين ٿا) تن تي (اهي منافق) ٺٺوليون ٿا ڪن. (ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ) دراصل الله جي طرف کان خود مٿن ٺٺوليون ٿي رهيون آهن (جو ذلت ۽ نامراديءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن) ۽( آخرت ۾) هنن لاءِ دردناڪ عذاب (تيار رکيل) آهي.

اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) (اي پيغمبر!) تون هنن لاءِ بخشش جي دعا گهرين، توڙي نہ گهرين (هڪ ئي ڳالهہ آهي.) جيڪڏهن تون ستر ڀيرا هنن لاءِ بخشش جي دعا گهرين تہ بہ الله تعاليٰ ڪين هرگز ڪين بخشيندو. اهو هن ڳالهہ جو نتيجو آهي جو هنن الله ۽ رسول (جي تابعداريءَ) کان انڪار ڪيو ۽ الله (جو مقرر قانون هي آهي تہ) نافرمان باغين لاءِ هو (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ ڪڏهن بہ نٿو کولي.

## رکوع 11

**هنن عهد ڪيو هو تہ آسودا ٿينداسين تہ صدقا ڏينداسين، پر هاڻي هو بخل ٿا ڪن. رسول ڪريم جن کي منافقن کان بيزاريءَ جو حڪم**

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَ كَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ قَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ؕ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨١﴾

(٨١) جيڪي (منافق تبوڪ واري جهاد لاءِ شريڪ نہ ٿيا ۽) پٺتي ڇڏيا ويا سي ڏاڍو خوش ٿيا تہ الله جي رسول جي (خواهش جي) خلاف پنهنجي گهرن ۾ (مزي سان سلامت) ويٺا آهيون ۽ کين هيءَ ڳالهہ سخت ناپسند لڳي تہ پنهنجي مال ۽ جانين سان جهاد ڪيون. هنن ماڻهن کي چيو تہ، اهڙي گرميءَ ۾ (گهر جو آرام ڇڏي) ڪوچ نہ ڪيو. (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، دوزخ جي گرمي تہ (ان کان) گهڻو وڌيڪ گرم هوندي. جيڪڏهن هو سمجهہ رکن ها (تہ ڪڏهن بہ پوئتي رهجي پوڻ تي خوشيون نہ ڪن ها).

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) ڇڱو! ڀلي اهي ماڻهو ٿورو کلي وٺن ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي انهن بدعملن جي بدلي ۾ گهڻوئي روئڻو پوندو، جيڪي بدعمل هو ڪندا رهيا آهن. (۽ جن لاءِ عذاب ضرور مٿن ڪڙڪندو).

فَإِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ إِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ فَاسْتَأْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ أَبَدًا وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا ۭ إِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ أَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ﴿٨٣﴾

(٨٣) پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ توکي انهن مان ڪنهن ٽولي ڏي (صحيح سلامت) موٽائي آڻي، ۽ پوءِ (ڪنهن موقعي تي) هو (جهاد ڪرڻ لاءِ) نڪرڻ جي اجازت گهرن، ته ان وقت کين چئي ڏجانءِ ته توهان مون سان ڪڏهن به نه هلو. نڪي ڪڏهن مون سان شامل ٿي دشمن سان لڙائي ڪيو. توهان اڳئين ڀيري پٺتي رهي پوڻ پسند ڪيو، تنهن ڪري هاڻي به پٺتي رهڻ وارن سان گڏ (گهرن ۾) ويٺا رهو.

وَلَا تُصَلِّ عَلٰى أَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ أَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ۭ إِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨٤﴾

(٨٤) ۽ (اي پيغمبر!) انهن مان ڪوئي مري وڃي ته تون ڪڏهن به ان جي جنازي تي (هاڻي) نماز نه پڙهجانءِ، نڪي سندس قبر تي بيهي رهجاءِ. ڇو ته هنن الله ۽ سندس رسول کي نه مڃيو، ۽ گنهگاري ۽ نافرماني جي حالت ۾ مري ويا.

وَلَا تُعْجِبْكَ أَمْوَالُهُمْ وَأَوْلَادُهُمْ ۭ إِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ أَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ أَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) ۽ توکي هنن جي (گهڻي) مال ملڪيت ۽ اولاد تي عجب ۾ پوڻ نه گهرجي. اهو مال ۽ اولاد سواءِ هن جي ڪجھ به ناهي ته الله تعاليٰ چاهي ٿو ته مال ۽ اولاد جي ذريعي ئي هنن کي عذاب ڏئي (يعني مال ۽ اولاد جي ڪري هو تڪبر ڪري نافرمانيون ۽ گناه ڪري پاڻ کي پاڻ تباه ڪندا) ۽ هنن جو ساه ڪفر جي حالت ۾ نڪري وڃي (يعني پڇاڙي تائين ڪفر کان باز نه اچن).

وَإِذَآ أُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ أَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ اسْتَأْذَنَكَ أُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾

(٨٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن ڪا (قرآن جي) سورة هن باري ۾ نازل ٿئي ٿي ته الله تي ايمان آڻيو ۽ سندس رسول سان شامل ٿي جهاد ڪيو، تڏهن انهن مان جيڪي ماڻهو سرنديءَ وارا آهن، (يعني لڙائيءَ لاءِ سڀ سهولتيون ۽ طاقتون ۽ مال متاع اٿن) سي ئي توکان موڪل ٿا گهرن ته اسان کي ڇڏي ڏي ته گهرن ۾ ويهڻ وارن سان اسان به ويهي رهون.

رَضُوْا بِأَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾

(٨٧) هنن هيءَ ڳالھ پسند ڪئي ته پٺتي رهڻ وارين (عورتن) سان رهجي پئون. (يعني مرد ٿي ڪري جنگ جي وقت زالن سان گهرن ۾ ويهي رهون) ۽ سندن دلين تي مهر لڳي ويئي، تنهن ڪري هو ڪجھ به نه ٿا سمجهن.

لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ ۭ وَأُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ ۡ وَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾

(٨٨) پر الله جي رسول ۽ انهن جن، ساڻس گڏ ايمان آندو آهي، پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان (حق جي راھ ۾) جهاد ڪيو. (۽ منافقن جون چالبازيون کين ڪونه برغلائي سگهيون) انهن ئي (مؤمنن) لاءِ چڱايون (نعمتون ۽ برڪتون تيار رکيل) آهن، ۽ اهي ئي هر طرح ڪامياب رهندا.

أَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

(٨٩) الله تعاليٰ انهن (مؤمنن) لاءِ (دائمي نعمتن جا) اهڙا باغ تيار رکيا

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۸۹﴾

آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ انهن ۾ رهندا ۽ اها ئي وڏي ڪامراني ۽ فتحمندي آهي (جا ڪين نصيب ٿيندي).

رکوع 12

**منافق توهان جي اڳيان قسم کڻندا ته جيئن توهان هنن کان راضي ٿي وڃو. پڪ سان الله به هنن کان راضي نه ٿيندو.**

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۹۰﴾

(۹۰) ۽ (اي پيغمبر!) اعرابين مان (يعني بياباني بدوين مان) بهانن ڏيڻ وارا تو وٽ آيا ته ڪين به (گهر ۾ ويهي رهڻ جي) اجازت ڏني وڃي، ۽ (انهن مان) جن ماڻهن (مسلمان سڏائي) الله ۽ سندس رسول سان ڪوڙ ڳالهايو هو سي گهرن ئي ۾ ويٺا رهيا. ڏسو (يعني چاڻو ته) انهن مان جن (اها) ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي تن تي جلدئي دردناڪ عذاب اچي ڪڙڪندو.

لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۹۱﴾

(۹۱) ضعيفن ۽ بيمارن تي ۽ اهڙن ماڻهن تي جن کي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪينهي تن سيني تي ڪجهہ بہ گناهہ ڪونهي (جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ شريڪ نہ ٿين) بشرطيڪ الله ۽ سندس رسول جي خيرخواهيءَ ۾ ڪوشش ڪندڙ هجن. نيڪ عمل ڪندڙن تي ڏوهہ رکڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي. الله تعاليٰ وڏ بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۠ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿۹۲﴾ؕ

(۹۲) نڪي انهن ماڻهن تي (ڪو گناهہ آهي) جن جو حال هي هو جو (سواري ڪانہ هين ۽) تو وٽ آيا تہ ڪين سواري ملي ۽ جڏهن تو چيو تہ مان توهان جي لاءِ سواري ميسر ڪري نٿو سگهان تڏهن (بيوس ٿي) موٽي ويا، پر هنن جون اکيون انهيءَ ڏک ۾ ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون (۽ چئي رهيا هئا تہ افسوس جو) اسان کي اهو ناهي جو هن راهہ ۾ خرچ ڪيون.

اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۳﴾

(۹۳) گناهہ تہ انهن تي آهي جي توڪان (ويهي رهڻ لاءِ) موڪل ٿا گهرن، اگرچہ هو مالدار آهن. هنن پسند ڪيو تہ (جڏهن سڀ ماڻهو حق جي راهہ ۾ ڪوچ ڪري رهيا هجن تڏهن هو) گهرن ۾ رهيل عورتن سان گڏ (رئو مٿي تي ڪري) رهي پون، ۽ (حقيقت هيءَ آهي تہ) الله تعاليٰ سندن دلين تي مهر لڳائي ڇڏي آهي، تنهن ڪري ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.